ذکيہ مختيار

# انور پيرزادي جون ڪهاڻيون: هڪ اڀياس

**Abstract:**

**Stories of Anwar Pirzado: An analysis**

*Stories have always been of great importance in Sindhi Literature. The writer presents what he observes in the daily life in his Society. In this research paper, the short stories of Anwar Pirzado, a multi-dimensional personality, have been reviewed. Anwar Pirzado has had a distinguishable literary status and place in Sindhi fiction. He has kept the culture and language of Sindh alive through his Short Stories, Daily Columns, Study of Shah, and Criticism especially in 'Pireen Pujaanan'. He has played a crucial role in preserving and transmitting the Sindhi culture and its linguistic qualities. The characters of his stories are ordinary people who are tormented by nobles, policemen and politicians. In his stories, progressive enlightenment and existentialism qualities are interpreted.*

### انور پيرزادي جو تعارف:

سنڌ جي سرزمين سدائين املهہ ماڻڪن کي جنم ڏنو آهي، جن سنڌ توڙي هند ۾ وڏو نالو ڪمايو آهي. هتي ڪيئي اديب، شاعر، سگهڙ، صحافي، محقق ۽ دانشور سنڌ ۾ پيدا ٿيا آهن، جن هتان جي ڏتڙيل ۽ اَبوجهہ ماروئڙن جي اهنجن ۽ ڏکن کي پنهنجي لکڻين ۾ پيش ڪيو آهي. ماڻهن جو دل ۾ درد رکندڙ اهڙن اديبن منجهان انور پيرزادو پڻ هڪ آهي.

انور پيرزادو هڪ روشن خيال، ترقي پسند، حقيقت پسند ۽ انسان دوست ليکڪ هيو. 1960ع کان 1975ع واري دور کي سنڌي ڪهاڻيءَ جو تعميري دور چئجي ٿو، هن دور ۾ جديد افساني ۾ سماجي حقيقت نگاريءَ جو نمايان رجحان هو. ان وقت آغا سليم، امر جليل، نسيم کرل، سراج، حميد سنڌي، مهتاب محبوب، سميره زرين، غلام نبي مغل، غلام رباني آگرو، جمال ابڙو، اياز حسين قادري ۽ ٻين ڪهاڻيڪارن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سماجي حقيقت نگاري، مقاميت نگاري ۽ رومانوي رنگ کي پيش ڪيو. ڪهاڻيءَ جي ان ماحول جو اثر انور پيرزادي تي بہ ٿيو ۽ هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ ان وقت جي سماج ۾ موجود اڻ برابري، ناانصافي، ثقافتي، سياسي ۽ معاشي حالتن جو ذڪر ڪيو آهي.

### انور پيرزادي جي ڪهاڻين جو سماجي ۽ معاشي پس منظر:

انور پيرزادي پنهنجي ڪهاڻين ۾ ان وقت جي سنڌي سماج جي سماجي ۽ معاشي مسئلن کي پيش ڪيو آهي. پاڻ هڪ روشن خيال ۽ حقيقت پسند ڪهاڻيڪار هو. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سماجي، نفسياتي ۽ سياسي حالتن کي پيش ڪيو آهي. انور پيرزادي پنهنجي ڪهاڻين لکڻ جي شروعات 1970ع کان ڪئي.

انور جي ڪهاڻين ۾ موضوع جي نفاست ۽ اظهار جي بلندي جو هڪ منفرد انداز آهي. سندس ڪهاڻين جا ڪردار غريب، مسڪين آهن، جيڪي سماجي اڻ برابري واري ماحول ۾ اذيتن واري زندگي گهاري رهيا آهن.

**انور پيرزادي جي ڪهاڻين ۾ منظر نگاري:**

منظر نگاري ڪهاڻين جو هڪ اهم عنصر آهي، جڏهن ڪردار پاڻ ۾ ڳالهائيندا هجن ته انهن جي چوڌاري جيڪو ماحول آهي، جيڪي قدرتي نظارا آهن يا جيڪي ڪجهه وهي واپري پيو اُهو اهڙي ته مهارت سان پيش ڪجي جو پڙهندڙ کي اُهو سڀ ڪجهه پنهنجي اکين اڳيان ٿيندو محسوس ٿئي.

انور پيرزادي جي ڪهاڻين ۾ منظرنگاري اهڙي ئي خوبصورت انداز سان ڪيل آهي جو ايئن پئي لڳندو ڄڻ سڀ ڪجهه سامهون ڏسي رهيا هجون. ڳوٺن ۾ وڏيرن جي گهرن يا اوطاقن تي جيڪي استعمال واريون شيون رکيل هونديون آهن، اُهي هڪ غريب ڪُڙميءَ جي لاءِ هڪ اهڙو خواب هونديون آهن، جيڪو ڪڏهن به پورو ٿيڻ وارو نه هوندو آهي. سندس هڪ ڪهاڻي 'خدا ۽ سرمايو' جي شروعات ۾ پاڻ وڏيري جي اوطاق تي رکيل پلنگ، وهاڻن ۽ سوڙ جي منظرنگاريءَ جو هڪ انداز: " جنديءَ تي لٺل پلنگ مٿان ريشمي فراسي، پٽيرڻي، به رلهيون ۽ هڪ گلتيڪس جي چادر پيل هئي، مٿن ڪان پشم جهڙا وهاڻا ۽ پيرن ڪان ريشمي سوڙ پئي هئي."(1)

ڳوٺن ۾ نوان کوهه کوٽڻ وقت، واهن جي کوٽائي وقت، رونبو، لاب ڪرڻ وقت مقابلو رکيو ويندو هو. مقابلو کٽندڙ کي انعام ملڻ سان گڏوگڏ ڳوٺ ۾ سندس مرتبو اچا وڌندو هو. انهن سڀني ڳالهين سان واقفيت هئڻ ڪري پنهنجي ڪهاڻين ۾ انهن سرگرمين کي وڏي مهارت سان پيش ڪيو اٿائين. ڪهاڻي 'پرين پڇاڻان' ۾ پهرين نئون کوهه کوٽڻ وقت جو منظر بهترين انداز ۾ پيش ڪيو اٿائين ته ڪيئن ان وقت نوجوانن ۾ کوهه کوٽڻ دوران مٽيءَ جو لِپو مَنهَن جي مٿان اڇلائڻ تي مقابلو ٿئي پيو. اڳتي هلي ساڳي ڪهاڻي ۾ رونبي جي مقابلي جو منظر چِٽيندي وقت سندس سورمي هڪ بسران نالي نوجوان ڇوڪري آهي، جيڪا تڪڙو رونبو ڪرڻ ۾ ڳوٺ جي مردن کي به ماريون ٿي وڃي.

"هوءَ ڪاہي هٿ ۾ ٻج جي مڙهي جهلي ساڄي هٿ سان هڪ مَرائي هٽندي ٿي وئي. پنيءَ ٻوڙ پاٽيءَ ۾ سندس رونبي جي رفتار اها هئي جو پاٽيءَ ۾ تڪڙي هٿ وجهڻ ۽ ٻاهر ڪيڻ ڪري پاٽيءَ جي لار ٽٽي ئي نه پئي."(2)

**انور پيرزادي جي ڪهاڻين ۾ ڪردارنگاري:**

ڪردار ڪهاڻين جو اهم حصو هوندا آهن، انهن کي ڪهاڻين ۾ اهڙي طرح پيش ڪرڻ گهرجي، جو اهي اصلي لڳن ۽ اهي ڪردار پنهنجي پڙهندڙن جي دل ۽ دماغ ۾ هميشه لاءِ نقش ٿي وڃن. هر ڪهاڻي ۾ ڪي ڪردار مثبت هوندا آهن ته ڪي منفي هوندا آهن. ڪردارنگاري ۾ ڪردار پنهنجو پاڻ کي ڪيئن پيش ڪن ٿا، اهو ڏيکاريو ويندو آهي. انور پيرزادي جي ڪهاڻين جا ڪردار هاري، زميندار، ڪمدار، جيل ۾ ڏوهي يا بي ڏوهي سزا ڪاٽيندڙ، يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندڙ شاگرد، نوڪريءَ لاءِ ڌڪا ٿاٻا کائيندڙ لائق نوجوان، اچيا ٻکيا مرندڙ انسان آهن. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪردارن کي اهڙي ريت پيش ڪيو آهي جو حقيقي پيا معلوم ٿين.

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو پنهنجي ڪتاب 'شڪارپور شهر جو ادب ۾ حصو' ۾ ڪردارنگاري جي حوالي سان لکن ٿا ته:"افسانې جو ٻيو اهم جزو ڪردارنگاري، جنهن ۾ هر واقعو ڪنهن نه ڪنهن فرد سان ضرور لاڳاپو رکندڙ آهي، جو ته انسانيءَ زندگيءَ ۾ واقعو ۽ فرد ٻئي لازم ملزوم آهن. افسانې جا ڪردار جيترا جاڳندا هوندا آهن."(3)

ڪھاڻين ۾ ڪردارن جو جاندار لڳڻ ۽ انھن جو طرز عمل فطري محسوس ٿيڻ جي حوالي سان محمد اسماعيل عرساڻي ڪتاب 'چار مقالا' ۾ لکن ٿا تہ: "ڪردارنگاري افساني ۾ اھميت رکي ٿي. افسانہ نگار ڪردار کي ھڪ وقت ۾ مثبت رول پيش ڪرائي ٿو يا منفي ڪردار ادا ڪرائي ٿو، چو تہ ساڳيو ماڻھو صرف ھڪ وقت ۾ ھڪ ڪردار پيش ڪري سگھي ٿو. افسانہ نگار ڪردار نگاري ائين ڪري ٿو تہ پڙھندڙن کي اھي ڪردار جاندار لڳن ٿا ۽ سمجھن ٿا تہ اھي ڪردار ان ماحول ۾ اھڙو ئي عمل ڪري ٿي سگھيا." (4)

انور پيرزادو جيئن تہ ھڪ ڳوٺاڻي ماحول ۾ جائو، نپنيو ۽ وڏو ٿيو. ان ڳوٺاڻي سماج جي پيڙجندڙ، اذيتون سَھندڙ، اڻ برابري واري رويي، ٻن وقتن جي پيٽ ڍَوَ لاءِ سڪندڙ ۽ پنھنجي اولاد کي اُڃ ۽ بُک وِگھي تڙپندو ڏسندڙ ڪيئي ڪردارن کي ڏٺو. انھن منجھان ڪجھ اذيتن مان ھُو پاڻ بہ گذريل ھو.

پٽائيءَ جو پارکو ھئڻ جو ثبوت سندس ڪھاڻين ۾ بہ ملي ٿو. انور پيرزادي جي ڪھاڻين ۾ عورتن وارا ڪردار سمجھدار، بھادر، مضبوط ۽ ٻاجھارا آھن. ڪھاڻي 'قربانيءَ جي ٻڪري' ۾ جڏھن وڏيرو مينھون پٽ جو ڌُھر ڪرائي ٿو ۽ وڏو ڪاچ ٿو ڪري پر اُتي زال کي نہ ٿو گھرائي. سندس زال پنھنجي پيءَ جي گھر ويني روئيندي آھي ۽ ھڪ وڏي تڪليف ۽ پيڙا واري ڪيفيت ۾ ڏيکاري اٿس. ايڏي وڏي ذھني پيڙا جي باوجود سندس سورميءَ جو عمل ڏسو: "ھن ڳوڙھا اگھيا ۽ سڏڪا پِريندي اٿي وئي، مانيءَ جو ٽڪر ڪٽي اچي ٻليءَ کي وڌائين پر ٻليءَ نہ کاڌو." (5)

انور اتي اھا ڳالھ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آھي تہ جيڪي ماڻھو فطرت جي ويجھو رھن ٿا انھن کي خدا جي ھر تخليق سان محبت ھجي ٿي. محبت ۽ رحم ھجڻ واري عنصر ڪري ھو جانورن جي بہ تڪليف محسوس ڪن ٿا. ھن پنھنجي تڪليف وساري ٻليءَ جي بک جو احساس ڪندي ان کي مانيءَ جو ٽڪر تہ وڌو پر ٻليءَ نہ کاڌو، اتي وري ڳالھ ڦري جانور جي سمجھ تي اچي ٿي جيڪا ڦاپل جي اندر جي پيڙا کي محسوس ڪندي پاڻ بہ پنھنجي بک وساري ويھي ٿي.

اھي سڀ احساس ان ماڻھوءَ ۾ ئي ھوندا جيڪو ان مرحلن مان گذريو ھوندو، جنھن اھڙين تڪليفن ۾ ماڻھن کي ڏٺو ھوندو. ان ئي ڪيفيت جو اظھار پاڻ پنھنجي ھڪ ڪھاڻي 'سازش' ۾ ڪري ٿو: "اھڙي طرح اديب کي ٻاھرين اثرن پوڻ ڪري دماغ ۾ خيالن جو ذخيرو گڏ ٿي ويندو آھي، اھو جيستائين نہ نڪرندو تيستائين ھن کي آرام نہ ايندو." (6)

ھڪ ٻي ڪھاڻي 'پرين پچاڻان' ۾ ڏسو: "پنھنجي ڳوٺ ۽ تر وارن چڱن مڙسن ۽ وڏيرن بسران جي سڱ لاءِ چاليھ جريب ڏيٽا ڪيا ھئا، ھن جي جھور پوڙھي پيءُ کي لالچون ڏنيون ھيون، ايلاز ڪيا ھئا ۽ آخرڪار دڙڪا بہ ڏنا ھئا، پر بسران نہ مڃيو ھو." (7)

### انور پيرزادي جي ڪھاڻين جي ٻولي:

ٻولي ئي اھو ذريعو آھي جنھن جنھن وسيلي ليکڪ پنھنجي ڳالھ پڙھندڙن تائين پھچائي ٿو. ڪھاڻيءَ ۾ ٻولي وڏي اھميت رکي ٿي. ڪھاڻين ۾ ڪردار مختلف ڪيفيتن جھڙوڪ: ڏک، سک، پريشاني، اداسي، کل، خوشي، حيرت ۽ اميد کي ليکڪ نھايت اثرائتي انداز ۾ بيان ڪندو آھي. ڪردارن جي مطابق ٻولي استعمال ڪرڻ ھڪ وڏو ڏانءُ آھي، جيڪڏھن ڪردار ڳوٺاڻو آھي تہ اتي ٻولي بہ نج ڳوٺاڻي استعمال ڪرڻ سان عبارت ۾ حُسن پيرجي وجي ٿو.

ڪهاڻين ۾ ٻوليءَ جي استعمال جي حوالي سان ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي لکي ٿو ته:”اهڙي ٻولي استعمال ڪجي جنهن ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي شخصيت نمايان واضح ٿئي. ٻولي ڪهاڻيءَ ۾ ائين استعمال ڪجي، جنهن ۾ ڪجهه مذاق ۽ طنز هئڻ گهرجي. ابتدائي ليکڪن پنهنجي ڪهاڻين ۾ تشبيهه، محاورا استعمال ڪري ٻوليءَ کي جاندار ٺاهيو آهي. جديد ڪهاڻيڪار، ڪهاڻين ۾ ٻولي آسان استعمال ڪئي آهي. شروعات ۾ لڳ ڀڳ سيني ٻولين جي ڪهاڻين ۾ هڪ ئي قسم جي عبارت جو استعمال ڪيل آهي ۽ اها آهي بيان عبارت – هن عبارت ۾ ليکڪ کي پنهنجي ويچارن جي اظهار ۾ ڏاڍي سهولت ٿيندي.“(8)

انور پيرزادي پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي ٻوليءَ جا اهي لفظ استعمال ڪيا آهن جيڪي گهٽي ڪري ڳوٺن ۾ استعمال ڪيا ويندا آهن. سندس ڪهاڻي ’خدا ۽ سرمايو‘ ۾ لکي ٿو: ”ڪوٺيءَ جي پاسي وارين ٻن پٽين سان ڪرسين جي قطار هئي، جتي سندس جيڏا سرتا يا ڪمدار ويهندا هئا. مان اوچتو آيس، سمجهيم ته وڏيرو ڏاڍ مان پنڌ ڪري ڪو هاڻي ئي اچي وينو آهي چاڪاڻ جو هن جي ڪاري بوٽ تي اجا رَئي چڙهيل آهي.“(9)

يا سندس هڪ ٻي ڪهاڻي ’ملاقات‘ ۾ هڪ پوڙهي ماءُ جي پنهنجي پٽ سان جيل ۾ ملاقات وقت ٿيل ڳالهه ٻولهه هيئن پيش ڪري ٿو: ”’پٽ! مان توکي ان لاءِ ڪو نه ڇٽيو هو‘. ماڻس سڏڪن ۾ چيو، ’تنهنجي مگ جوان ٿي آهي، مون سان هل ته تنهنجو وهانو ڪيان.‘

پٽ خاموش ٻيٺو هو، هن جا لڱ ڪاندارجيو پئي ويا، ڪنن جون ڪناريون ڳاڙهيون لال ٿي ويس، رکي رکي امان پئي چيائين ۽ آواز نڙيءَ ۾ گهٽجي پئي ويس.

’منهنجا جگر، مان ته صدقو وڃانءِ، تون ڪڏهن گهر ايندين، مان ته گهور وڃانءِ‘ چئي ماءُ اوڇنگارن ۾ پئجي وئي.“(10)

هڪ ٻي ڪهاڻي ”پرين پڇاڻان“ ۾ کوهه کوٽڻ واري سڄي مرحلي جي عڪاسي ڪئي اٿس، جنهن ۾ کوهه کوٽڻ دوران جيڪا ڳالهه ٻولهه ڪبي آهي، جيڪا ٻولي استعمال ڪبي آهي اها سڀ ائين پيش ڪئي اٿائين جو بلڪل حقيقي ٿي لڳي. ڪهاڻيءَ جي شروعات هن ريت ڪري ٿو: ”دهل تي ڏونڪو لڳو، مڙس اچي متا، لانگوٽا ڪنيل، ڪراين ۾ رومال ٻڌل، ڳچيءَ ۾ ٽائٽ، ڏورن ۾ ڪارا سڳا، موتيل ۽ ڪراڙن جي هٿ ۾ پيٽي ڪا نه هئي. کوهه کوٽٽو هو، کوهه به چاليهه هٿ هيٺ وڃٽو هو. رونشو به هو ته مڙسيءَ جي به ڳالهه هئي.“(11)

ساڳي ڪهاڻيءَ ۾ اڳتي لکي ٿو: ”’شابي شابي– وڃاءِ فقير، زورن سان وڃاءِ‘ ستابي، مگٽهارن کي اشارو ڏنو. مگٽهارن ڏونڪي کي تيز ڪري ڇڏيو. شرناءِ جون زيلون ڪن ڦاڙڻ لڳيون، دهلڙي واري به پنهنجن هٿن کي تيز ڪري ڇڏيو. ٻئي همراهه پنهنجو وات مُتي ۾ پختو ڪري ڇڏيو.“(12)

انور پيرزادي موقعي ۽ محل جي مناسبت سان ٻوليءَ کي وڏي خوبصورتيءَ سان استعمال ڪيو آهي. نج سنڌي لفظن ۽ جملن سندس ڪهاڻي چار چند لڳائي ڇڏيا آهن. هن جي ڪهاڻين ۾ اهڙي ئي ٻولي استعمال ڪيل آهي جيڪا ان قسم جا ڪردار عام طور تي ڳالهائين ٿا. سندس ڪهاڻين ۾ موجود ڪوڙ لفظ هاڻي عام استعمال ۾ ناهن رهيا پر ايندڙ نسل جڏهن اهي لفظ پڙهندو ته انهن کي اها ڄاڻ پوندي ته اسان جي ٻوليءَ ڪيتري مالدار هئي.

**انور پيرزادي جي ڪهاڻين جو اسلوب:**

ڪهاڻيءَ جي جزن ۾ اسلوب کي پڻ وڏي اهميت حاصل آهي. انور فگار هڪڙو پنهنجي مقالي ۾ اسلوب جي باري ۾ لکي ٿو ته: ”افساني ۾ سڀ کان اهم پهلو آهي اسلوب بيان يا انداز بيان- افساني جو پلاٽ يا ڪردار ڪيڏا به محفوظ ۽ سٺا هوندا، پر ان جو انداز بيان جيڪڏهن دل کي لپائيندڙ نه آهي، ته افسانه نگار جي سموري ڪوشش اجائي ۽ بي سود ويندي. تنهن ڪري افسانه نگار لاءِ ضروري آهي ته هو بياني لفظن ۽ جملن جي پُر اثر نفسياتي ڪيفيت کي اجاگر ڪري.“(13)

ڪهاڻين جي اسلوب جي حوالي سان عبدالمجيد ميمڻ لکن ٿا ته:”اسلوب معنيٰ هڪ ڍنگ، طريقو، ڪنهن به افسانه نگار جو اهو منفرد ڏانءُ، جنهن جي ڪري افسانه نگار پنهنجي لکڻين جي ذريعي پنهنجا خيالات ٻين ماڻهن تائين پهچائي ٿو.“(14)

انور پيرزادي جو اسلوب بيان به ڪمال جو آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ واقعن کي وڏي اهميت حاصل آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ ٻين ٻولين جا لفظ نه هئڻ جي برابر آهن. سولي ۽ عام فهم اسلوب بيان کي استعمال ڪيو اٿس.

مثال طور: ”منهنجي پرسان منهنجو هنڌيوال پنهنجي زال سان ملاقات ڪري رهيو هو. سندس زال جوانيءَ جو پڙ ۾ اجا هاڻي پير پاتو هو، ٻنهي جي شاديءَ جي ميندي اجا سندن هٿن تان ڪانه لٿي هئي. ملاقات جون چند گهڙيون ٻئي خاموش هئا، ٻنهي جون اکيون هڪ ٻئي کي ٽڪ ٻڌي ڏسي رهيون هيون ۽ چپ ڦڙڪي رهيا هئا، ٻنهي جون اکيون ۽ نڪ ٽِمي رهيو هو. ٿوريءَ دير کان پوءِ وقت گذرڻ جي احساس هنن کي پرچايو ۽ ڳوڙها خشڪ ڪيا، هڪ ٻئي کي ويجها پوندا ويا، ٻنهي جا چپ هڪ انچ جي مفاصلي تي اچي بيهي رهيا، وچ ۾ هڪ لوهي ڪاري سيخ هئي.“(15)

**نتيجو:**

هن تحقيقي اڀياس مان اهو نتيجو نڪتو ته انور پيرزادي ڪهاڻيون گهٽ لکيون آهن، پر سندس ڪهاڻيون موضوع، ٻولي، منظرنگاري، ڪردار نگاري ۽ انهن ۾ موجود اسلوب جي حوالي سان بهترين ڪهاڻين ۾ ڳڻيون وڃن ٿيون. سندس موضوع سماجي، سياسي ۽ ثقافتي پس منظر رکن ٿا. انور پيرزادي پنهنجي ڪهاڻين ۾ موضوع ۽ ڪردارن جي ماحول سا ٺهڪندڙ ٻولي ڪتب آندي آهي.

## حوالا


1. پيرزادو، انور، ’انور پيرزادي جون ڪهاڻيون‘، پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي سنڌ، انور پيرزادو اڪيڊمي، ڪراچي، 2019ع، ص: 20.
2. ساڳيو، ص: 75.
3. هڪڙو، انور فگار، ’شڪارپور شهر جو ادب ۾ حصو‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 2009ع، ص: 437.
4. عرساڻي، محمد اسماعيل، ’چار مقالا‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1983ع، ص 60.
5. پيرزادو، انور، ’انور پيرزادي جون ڪهاڻيون‘، پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي سنڌ، انور پيرزادو اڪيڊمي، ڪراچي، 2019ع، ص: 41۽ 42.
6. ساڳيو، ص: 56.
7. ساڳيو، ص: 75.
8. لڇاڻي، جڳديش، ’سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر‘، ڇاپو ٻيو، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 1996ع، ص: 42,43.
9. پيرزادو، انور، ’انور پيرزادي جون ڪهاڻيون‘، پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي سنڌ، انور پيرزادو اڪيڊمي، ڪراچي، 2019ع، ص: 20.
10. ساڳيو، ص: 23 ۽ 24.

11. ساڳيو، ص: 70.
12. ساڳيو، ص: 70.
13. هڪڙو، انور فگار، ’شڪارپور شهر جو ادب ۾ حصو‘، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 2009ع، ص: 438.
14. ميمڻ، عبدالمجيد، ’سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2006ع، ص: 30.
15. پيرزادو، انور، ’انور پيرزادي جون ڪهاڻيون‘، پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي، 2019ع، ص: 22.